# مان، متيءَ جو راڳ

## (شاعري)

## پنهل پنهل پنهل پنهل پنهل پنهل

ڪنول پبليڪيشن قنبر

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com

# غزل

اک ۾ سرهائي اندر ۾ سوڳ آ،
زندگي انمول — دنيا يوڳ آ.

ڪشمڪش ۾ آ وني هر گام تي،
ورَ پڄاڻان چڙ جواني ڦوڳ آ!

ڪجهه سماجي ڳالهه کي ڏي اهميت،
فقط توکي پنهنجي گهر جو روڳ آ!

اڄ وري رسمون چڪيا تي چڙهنديون،
اڄ وري سَسئي - پنهونءَ سنجوڳ آ.

❊

انڌيرا! آس جو احساس جيئرو آ،
اُجالن ۾ اجا وشواس جيئرو آ.

اڙانگهو پنڌ صحرا جو ڪٽيوسين پر،
ڪکر جي بوند لئه بنواس جيئرو آ.

پيتائي ڪان وتو ڪجهه شيخ ڪان اُتساهه،
تڏهن ست ست ۾ هي آڪاس جيئرو آ.

اجا تنهنجو ڪٿي ڪردار بيٺو آ،
اجا هن قلم جو اپياس جيئرو آ.

لکي ڪيڏي بہ ڪنهن تاريخ اونداهين،
جُڳن کان سنڌ سنڌءِ اتهاس جيئرو آ.

اُجاڙي ڪيئن سگهندين موهہ ماٺهن جو،
اجا رڳ رڳ ۾ سنڌ جو واس جيئرو آ.

متان خاموش ٿي ويهي رهين ”پنهل“
اجا ٻولي مٿان راڪاس جيئرو آ.

❊

ڇو جواني ڪي ماريون رات؟
ڇو وڇوڙي ۾ گهاريون رات؟!

روپ تخليق ڪي ڏيون – آءُ،
ڏات چُمين سان ٻاريون رات.

جسم جي موج ختم ٿئي، آءُ
روح جا راز تاريون رات.

ساٿ سچ جو ڏيو – پلي تين،
ڪيترين پيي غداريون رات.

ڪنهن تہ مذهب جي آڙ ۾ هن،
موهہ واريون بہ ماريون رات.

پُٺ تي رهبو ڏسي اسان کي،
وقت ڏنيون تي گاريون رات.

❊

ڪنهن کي ٿاهيان، ڪنهن کي ڏاهيان،
ست ست جو مان مقدر آهيان.

موت بہ آهيان، جوت بہ آهيان،
جيڪر چاڙهين، آخر چاهيان!

مستقبل جو پاڇو هان — ۽
ڪنهن جي ڀاڳ نصيب ۾ ناهيان.

هر هڪ منظر من پريائي،
سڀ ڪي پايان، سڀ ڪي چاهيان.

تنهنجي جسم جا قول انوکا،
هڪ هڪ ماڻيان، تڪُ تو لاهيان.

گيت به پنهنجا، ميت به پنهنجا،
ڪنهن تي آخر آئون دانهيان.

❊

منهنجو معصوم موهه، سرتي!
هر نئين ڏينهن - ڏوهه، سرتي!

چو ته وهلور تي وجين تون؟
نيٺ ڍهندو به ڊوهه، سرتي!

ڪيف چالئه چڙهيا، خبر تئه؟
نيڻ تنهنجا ڪڪوهه، سرتي!

هر گهٽي ۾ امن جو لاشو،
هڪ ڪوي جا ڪندوهه، سرتي!؟

توڙي رسمن جا قائدا — وڌ،
پير - ڪڙيون هي ڪوهه، سرتي!؟

❊

سانوٽي سانوٽي سڙي آهيان،
ڪير چاٽي ته چو رڙي آهيان!؟

مان ڪٿي خوش تنهنجي خدائي مان،
مان ته انسان مان اڙي آهيان!

ياڳ جنهن جو نہ ڪو هجي - اهڙي
مان بہ منحوس ڪا گهڙِي آهيان.

ملهہ منهنجو ڀي ڪتي هجي جيڪر!
رات سوداءَ ۾ ڳڙي آهيان.

لوڪ کي چڙ لڳي، رسامي پل
مان حقيقت مگر ڪڙِي آهيان.

❊

پڻءِ بنا جو اصول آهي،
بي سبب ءِ فضول آهي!

هن دنيا جي انڌي روشنِ،
موهہ جو ڪهڙو مول آهي!

رات پل سک جو روپ ڌاري،
رات ڪاٽي قبول آهي؟

زندگي، ميٺ منهنجي، تنهنجو -
جسم آتش ۾ قول آهي.

چو نہ تخليق سا پسم ٿئي،
جنهن ۾ نفرت کي طول آهي!

ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ڪر ڪوي، اڄ
ماڻهو، ماڻهو ملول آهي!

جنهن جي ماضي نہ هوندي پنهل
حال تنهن لاءِ هول آهي.

❊

هر خطا جو كري مان ازالو متي!
پاڻ ويندس ٻڌائي نرالو متي!

كو نہ مون كي خزان ماري سگهندي كڏهن،
آ بهارن جو مقدر اجالو متي!

جئن جو آيو خدا، كٿ وساري سگهيو،
سنڌ ـ پاٽي، متي، هو جمالو متي!

مون بہ چاهيو جڏهن، تو بہ مركي ركيو،
نانوَ پنهنجي پنيان منهنجو نالو متي!

لوك تقليد منهنجي كندو هر قدم،
هر گهڙي لاءِ ٿيندم حوالو متي!

چو تہ مايوس ٿي زندگي گهارجي،
چو اكين ۾ سدائين جهڙالو متي!؟

❋

كيڏا هوت اندر ۾،
ماريئڙ موت اندر ۾!

چو بي رنگ ٿو گهارين؟
رنگ پير كو تہ اندر ۾

وقت عمر كي گهائي ٿو،
كا ڳڻ ڳوت اندر ۾

هر دل ماڳ ماٽيندي،
هر دل ڏوهُ تہ اندر ۾

توكي كيئن اربيان دل،
اُلكن اوت اندر ۾

مون سي وحشتون ماريون،
ٻاري، جوت اندر ۾

ڪجھ سمجھين بہ ها مونکي،
روئين ٿو تہ اندر ۾.

ڪهڙا توکي تحفا ڏيان؟
مون وٽ موت اندر ۾.

آخر منهنجو ٿيندين تون؟
سوچيان چو تہ اندر ۾.

✻

منهنجو هي انمول جيون،
ڪنهن اڳيان ڪشڪول جيون.

نيٺ رَسندو ماڳ تي هي،
روح ڪيسين رول جيون.

تون اچي سُلجهاءِ منهنجو،
بي سبب بي ڊول جيون.

اربيان آندا تولئہ سپ،
جوت جذبا جهول جيون.

ڪيئن هرڪو اُج اُجهائي،
ڏات ڏڪٽي، ڏول جيون.

✻

پاڻ ڪان لاپتا ۽ هي رولاڪيون،
مئڪشي، مئڪدا ۽ هي رولاڪيون.

مان اڪيلو سگهان ڪنهنجو دامن جهلي،
رات، پانهون، ڏيئا ۽ هي رولاڪيون.

تنهنجي ڳولا ۾ ڀٽڪي امر تي پيا،
هڪڙو مان پيو خدا ۽ هي رولاڪيون.

جام خالي ڪٽڻي موڪي جي قبر تي،
ڪوڙ ڳيرو رُنا ۽ هي رولاڪيون.

ساهه ۾ ڪيئن سمائي سگهان مان پنهل،
ڏات آ هر ڏسا ۾ هي رولاڪيون.

*

زندگي پر سو خمار ۾ آهي،
جيڪو تنهنجي نهار ۾ آهي.

سج جا ڪرڻا مٽيءَ کي ارپي،
نينهن آيو نکار ۾ آهي.

بند ڪمري مان لاش نڪرندو،
سارَ جي ڪوئي وارَ ۾ آهي.

رات ظلمت ڪدي جيان پاسي،
عشق اذيت جي چار ۾ آهي.

خون انسان جو ڪري ٿو پڇين،
خون چو خلفشار ۾ آهي!؟

ٻک وڳهي هڪ مري ويو شاعر،
شاعري پر اڏار ۾ آهي.

جوت جذبا جمود ور چڙهيا،
ڏات پانيان ڏڪار ۾ آهي.

لڙڪ روڪي نہ ڪو سگهيو پنهل
ڪوئي خوش منهنجي هار ۾ آهي.

*

خون پيئڻ لئہ آتا رشتا،
خالي پاسيا ڪاتا رشتا.

سوئي پيئي ٿو وهہ جا وتا،
ڪلهہ ها جنهن تي ڳاتا رشتا.

ڏوڙ وسي پئي رشتن جي ءِ،
ڪو نہ اڃا مون ڄاتا رشتا.

چور جيان هن رتُ چوسيندڙ،
ڪهڙا خلقيئي داتا رشتا.

ڪيئن سقل ٿيندو سو پنهل!
پيار مٿان پاراتا رشتا.

*

عيد جو تحفو تہ ڏي،
اڄ وري دوکو تہ ڏي.

پَل نہ ڏي تون سک مگر،
جيءَ کي جوکو تہ ڏي.

رات چنڊ ٻانهن ۾ هيو،
هيانءَ ڪجهہ هوکو تہ ڏي.

آ ڏکي هي زندگي،
ڪو سبق سولو تہ ڏي.

مان اڌورو ها ڪٿي؟
سوچ کي سوجهو تہ ڏي.

بک وگهي ڪو ويو مري،
ساهہ کي سڏڪو تہ ڏي.

*

من کي ماري ويو هڪ چوٽ ۾،
سڄُ اُپري ڪکر جي اوٽ ۾.

ڪوئي جسم وڪٽي پيو روئي،
ڪنهن جي بک لڪل هئي نوٽ ۾.

اڪ جي چو اچا پوري نہ ٿي!؟
اُلجهي آس پئي ڳٺ ڳوٽ ۾.

سڀ آزاد ٿي ويا جانور،
سڀ انسان جانبڌ ـ جوٽ ۾.

جنهن مرڪي چيو، پنهنجو ”پنهل“،
تنهن کُپيو خنجر هو موٽ ۾.

❊

اڪ ۾ پاٽي ۽ نماٽي التجا،
”تون نہ وڄ“ خط ۾ اماٽي التجا.

دل چيو پاڪر پريون خوشبوءِ جا،
زندگي سمجهي اڏاٽي التجا.

آ سنڌو سڏڪي پيو خالي ڏسي،
سُور جي صحرا ڪماٽي التجا.

ڪو نہ آيو چنڊ پنهنجي جهول ۾،
مان ٿري مون لاءِ پاٽي التجا.

حسرتن جي ميڙ پوبان ڪنهن پنهل،
آ وڃائي، ڪنهن نہ ماٽي التجا.

*

تون اجان پيي بي خبر، تنهنجي اڳيان،
ڪيترائي دربدر، تنهنجي اڳيان!

ساهه ٿو بي چين پنهنجو ٿي وڃي،
جو جهڪي ٿي هر نظر، تنهنجي اڳيان.

ڪنهن ٻڌي هٿڙا ڇيو، ”اُپ تي نہ وڃ -
پونءِ پنهنجي هر پهر، تنهنجي اڳيان.“

ڳوٺ دل جو بند ڪري آهي ڇڏيو،
آ ڪُليل دل جو شهر، تنهنجي اڳيان.

تون رهين خاموش چالئہ، مون پنيان –
ڪنهن اوڳاڇيو ٿي زهر، تنهنجي اڳيان.

*

ڪنهن محل ڪاڏي ٿي راهي زندگي،
ڪا خبر ناهي تہ چاهي زندگي!؟

تون پيو خوشبو جي جُهولن ۾ لُڏين،
چو سدا مون کي ٿي ڏاهي زندگي؟

هير – هيڪارون مگر ناهي مزو،
تو پڇاڻان مون کي ڳاهي زندگي!

آس آهي چنڊ نيٽن ۾ لهي،
آس تي پر خون ٻاهي زندگي.

واءُ آهيان هٿ نہ ايندس ڪنهن جي مان،
ڪيترو پيي ڪوئي چاهي زندگي!

❊

چو الائي وري رات جو،
لڙڪ آيا تري رات جو!؟

هوش بي هوش ٿيندو وڃي،
مِلُ نہ ايڏو چري رات جو.

نانءُ تنهنجو وٺي، شهر ۾،
شخص هڪ ويو مري رات جو.

اُپ اونداهون جڏهن تي لڳو،
هوءَ اڱڻ ۾ ٻري رات جو.

”هاڻ توسان نہ ملبو پنهل“
ڳالهہ ڪيڏي ڳري رات جو.

❊

ٿيو ڪٿي جيئرو چڻ لڳاءُ،
آ هوا ۾ چُمين جو هڳاءُ.

ماٺ من کي نہ آئي گهڙي،
ڏاڍو ڏکيو اکين جو اُهاءُ.

مان آهيان تنهنجي اڱيان برف،
جسم تنهنجي جو ايڏو ڇُهاءُ.

هر کو مُورک تنهنجي عشق ۾،
تنهنجو گلڙن جيان آ سياءُ!

ڪيترائي پياسا هُيا،
سپ جو موکي لڌو پئي سماءُ.

*

اسان توڙي پرم پنهنجو،
مَٽيو تولئہ ڌرم پنهنجو!

اجها منزل پئي پيرين،
رکو جذبو گرم پنهنجو.

گهڙي پل اُپ تي بيهان، ڏيو
هٿن ۾ هٿ نرم پنهنجو.

قلم جي نبُ تپي، لکيو،
غزل کو سرگرم پنهنجو.

*

رهيو ڳواها ۾، سکي گم سم،
هوائن ۾ هيکلو پکي گم سم.

ستارا اکين مان رهيا کرندا،
اوهان جيءَ ياد ۾ دکي گم سم.

اسان چُپ رهون ٿا پٿر وانگر،
اسان دوستي جو رکي ڀرم سم.

اڪيلي ۾ چا ٿيو، نہ ڄاڻان مان،
اچي اوچتو آ ٻکي ڀرم سم.

ڇُپيي پئي الائي تہ جو اندر ۾؟
روئي رات جا سٿَ لکي ڀرم سم.

❊

هٿ ۾ رهيو گلاب خاموشي،
تنهنجو ساڳيو جواب خاموشي.

صبر جا هارجن متان ڪي جام،
ڪا گهڙي چڙهي جناب خاموشي.

خالي ڪاڳر تي جئن ناڻءُ جئن لکيو،
تيئن جاڳيو حجاب، خاموشي.

جسم سان ڪيڏندو ڪوئي رهيو،
روح ڏيندو عذاب خاموشي.

ڪُل اياڻا مُنجهي پيا پڙهندي،
چهرو چهرو ڪتاب خاموشي.

❊

اوچتو ائن رابطا ڪٿجي ويا،
ماڳ ئي احساس جا مَتجي ويا!

تو ڏکايو ايترو دل کي سکي!
چڻ مٿانهون لاش کي سَٽجي ويا!

کو نہ آ تو دل رکي شاعر جيان،
لفظ تو وٽ ايندي ئي ڦٽجي ويا.

ذهن جي پردي تي هڪ چهرو رهيو،
بيا سيئي چهرا لڳو گهٽجي ويا.

ڪنهن ڪئي واڪاڻ هڪڙي گيت جي،
گيت ڪجهہ روئي پيا، ٻُٽجي ويا!

*

اڪ جي رسائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي،
من جي خدائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

لَک چاهتون دل جون لَک اميدون،
دل پر پٽائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

سمجهو ڪٿي آ هڪ ٻي اشارو،
سونهن ۾ سهائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

چڻ تا گذاريون غارن ۾ اڄ ٻي،
تهذيب ڪائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

هڪ آهہ رستو، هڪ آهہ دل ۾،
هڪ هرّجائي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

ڪُل بند ڪري در ڪمري ۾ پنهل،
چاڪاڻ آئي، ڪو ٻي نہ ڄاڻي!

*

پيا پيرن ۾ ڇالا، ماڳ تي پهچي،
اسان جا نيڻ آلا، ماڳ تي پهچي.

وري نيڻن - ڪناري ياد جون ٻيڙيون،
تري آيا اُجالا، ماڳ تي پهچي.

ٿيو احساس آ ڪجھ دل ۾ جذباتي،
ڇُمن جو گل ٿا والا، ماڳ تي پهچي.

اچي ٿي سونهن سامهن، ساھ ٻي ڪونهي،
ڇپن تي ڇُپ جا تالا، ماڳ تي پهچي.

ڪٿي رهجي ويو جذبو پتو ناهي،
رهيا خالي حوالا، ماڳ تي پهچي.

اسان ورجاءُ سوچن ۾ نہ ٿا چاهيون،
گهريا ماٿهو نرالا، ماڳ تي پهچي.

*

مون کي ڇو ٻُلائي آخر،
تو ڇڏيو رُلائي آخر!

اڄ خدا ٻي آنند ماڻيو،
ٻہ دليون ملائي آخر!

ڪيستائين ٻانهون آتيون،
ڪو تہ سيني لائي آخر!

ڇو وڃين ٿي مرڪي سامهن،
ڇا ملئي ڳو گهائي آخر!؟

ڪو سفر تي نڪتو آهي،
ڪنهن کي ڇو رنجائي آخر!

ڏسُ ٻتائي، تنهنجو "پنهل"،
وينو ٻت وسائي آخر!

❊

چوپاسي انڌيرو آهي،
هر ماڻهو منَ - ميرو آهي!

تون ڇا چاڻين سادا ماڻهو!
دنيا جو ڇا ڦيرو آهي؟

تو ئي دل کي ڪات هنيو آ،
تنهنجو دل تي پيرو آهي.

ورهين کان ڪو آيو ناهي،
خالي اک - آڪيرو آهي.

وٽ سنياري پنهنجون يادون،
مون تي ڇا لئہ گهيرو آهي!

❊

اڻ ڳڻيو ويساهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟
نيڻن ۾ لڪل چاهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟

هي اُڻتڻ جي آڳ ڏاڍي ڏکي،
موٽائي ڏي ساهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟

لڙڪن جي ٻيڙي ۾ ٻُڏندو رهيم،
ناکي نينهن - نياهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟

ماڻهو، ماڻهو کان پري تو وڃي،
ڏاها پنهنجو ڏاهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟

مرڪ ڏسي مُک تي پڇيائين "پنهل"
درد پريو درياهہ ڪاڏي ڪيئہ!؟

❊

گُل جواني جا خزان روڙي پئي،
زندگي کي زندگي چوڙي پئي.

هڪ توسان رشتو نہ جوڙي سگهي،
شاعري رشتا سندم جوڙي پئي.

تو صرف ناهي ڪئي بي چين دل،
ذات ۾ پي من ۾ خنجر ڪوڙي پئي.

جيئن پوپٽ گُل مٿان ڦيرا ڏِجي،
سونهن پويان ايئن دل ڊوڙي پئي.

ننڍ نيڻن کي ”پنهل“ ڪئن مان ڏيان؟
شاعري جو جاڳ کي ووڙي پئي.

❋

تون نہ آهين گُل مٿان ڪو ماڪ جان،
مان بہ ناهيان ٿر جي هڪ بہ ٿاڪ جان.

ذهن کي ايندءِ پنواتي اوچتو،
رسم ملندءِ هرڪا هتڙي آڪ جان.

تون گُناهن ۽ ثوابن جي پنيان،
زندگي ڪنهن جي ٿي گذري چاڪ جان.

خواب ساوا جڙ سمورا ٿيا هجن،
ايئن پانهون جو پکيڙءِ پاڪ جان.

تون اڪيلي ڪٿي ٽپين درياءُ ٿي؟
مان بہ ٽوڙي ٿو وڃان بي باڪ جان.

تون ٿڌي ڪمري ۾ ۽ چو سندم ـ
زندگي آهي ٽتل ڪنهن تاڪ جان.

❊

جملي جملي مان بکي پئي سادگيري،
اڄ بہ آهي دل کي تنهنجي يادگيري.

صبح جاڳي مون چُمي تصوير تنهنجي،
ڦهلجي وئي دل اندر چڙ شادگيري.

خواب نيڻن جا پيا ڪي ساپيان ٿي،
تو جو ڏيکاري ڪِلي آمادگيري.

تو پڇاڻان ڪجهہ نہ هوندو، ڪجهہ نہ هوندو،
آ سڄي تنهنجي ڪري آبادگيري.

ڪئن هوائن ۾ اڏامي هي پکي چئہ،
قيد آ پڃري ۾ جو آزادگيري.

چو گلابن جا چنين ٿو خواب ”پنهل“؟
چو پکيڙي آهہ تو بربادگيري؟

❊

سوچ يري ڪا ڇج رهندي، خبر نہ هئي،
عشق ۾ ايڏي اُڃ رهندي، خبر نہ هئي!

هڪ پل ٽيندين اوجهل نيڻن کان ائن،
دل ۾ هيڏي سڄ رهندي، خبر نہ هئي!

روح ڏنو هو ريج چُمين جو پيار ڪي،
پيار ۾ يي پُڄ رهندي، خبر نہ هئي!

هڪ عرصي ڪان پو سور سلڻ آيم،
دوست اڪ ۾ رچ رهندي، خبر نہ هئي!

❊

گيت منهنجا رنگ رنگالي لفظ ڪي،
چپ چمي ويا چپ سوالي لفظ ڪي.

اڪ ۾ ڪاوڙ ۽ سوالي لفظ ڪي،
ٿا چڙين ماري ملالي لفظ ڪي.

ڪئن لڪايان موھ تنهنجو من اندر،
دل ۾ آهن چڙ ٽپالي لفظ ڪي.

هو ٻنهي جو ماڳ ساڳيو، چو تہ پو،
راھ ۾ ٿي اڪ هي آلي، لفظ ڪي.

سانت جو فلسفو هوندو مگر،
دل ڪڏهن ڇهندا هن خالي، لفظ ڪي.

مون سجي آ رات پيتو سونهن ڪي،
چڙ شرابي ۽ موالي، لفظ ڪي.

شاعري نيٹن مٿان وسندي رهي،
ذهن جي حالت نرالي، لفظ ڪي.

❊

اپياس کيو چپن جو،
وشواس کيو چپن جو.

روشن مستقبل چئہ،
ڪنهن ناس کيو چپن جو؟!

پاڪر پتيون جوڙيون،
آڪاس کيو چپن جو.

خواب - سرون سوري مون،
گهر راس کيو چپن جو.

چو گل پير ۾ رکجن!
احساس کيو چپن جو.

❊

گيت تنهنجي نانءُ لکيو،
درد ڏرتي لئہ بہ رکيو.

تو وساري آ چڏيو پر،
مون لئہ ڏاڍو آ ڏکيو!

لفظ تنهنجي لاءِ ساڳيا،
شل، هوندين هر هنڌ سُکيو.

تو پڇاڻان زندگي چا؟
تو پڇاڻان ڏاڍو سِکيو.

ڪُل سيارا گڏ ڪٽي ائن،
هڪڙو شخص توسان پکيو.

دزَ چڙهي وئي آئيني تي،
هر چهري هو ڪوڙ بکيو.

❊

کول دروازو کٽي اظهار جو،
گم ڪري ڇڏ لفظ هر انڪار جو!

مان ڪِري ڪنهن ڏانهن ڏسندو ٿو رهان،
آسرو هو اوپري سهڪار جو!

نفرتن جي شهر ۾ ڪنهن دل ٻڌي،
ساٿ ڪجھ آهي ڏنو هٻڪار جو.

زندگي ير مان ڪڏهن گذري هئي،
ڪجھ ٿيو احساس هو ٽذڪار جو.

اوچتو سڏڪا ۽ ڳوڙها ٿيا ڪَنا،
وقت ناهي ڪو بہ مقرر سار جو.

مون چُميون توڏي اماٽيون عيد تي،
پرم ڪجھ رهجي وجي جئن پيار جو.

❊

خدا چاٽي تہ کھڙو تو مزو چاهي،
شخص هڪڙو سدا مون کي پيو ڏاهي.

اتان بيتو ڏسان ٿو ماڳ ڏي ائن مان،
جتان مون کي نہ ڪجھ ورٽو مني آهي.

هوا جي رخ سان گڏجي جو گھلي نہ ٿو،
ڇڏيندو وقت تنهن کي هڪ ڏينهن ٺاهي.

چڱو ٿيو توکي ڪجھ احساس مون لئہ ٿيو،
زمانو باھ ٿو ورنا مٿان باهي.

پڇيو هن پيار مان هڪ دوست منهنجي ڪان،
”اوهان جي ساٿ ۾ اج چو پنهل ناهي!؟“

❊

موت ايندو تہ ڪلي ڳل لائبو،
زندگي ڪي ڪين پر شرمائبو.

مون رکي آ دوستي احساس سان،
هاڻ پٿرن ڏي تہ چو واجهائبو؟

اجنبي هو ويو هليو، ڇا جو روئڻ،
ڪيترو دل کي اجان سمجهائبو؟

هاڻ مان مجبور ناهيان پيار کان،
ڪجھ تہ توکي پي پرين تڙپائبو!

دل مٺان جي، غم لهي ايندا ڪڏهن،
گيت تنهنجي نانءُ جو ڪو ڳائبو.

ڪجھ قرض ڌرتيءَ جو اڃ لاهجي،
پيار کي پي پو پيو جاڳائبو.

❊

خواب ڪي سچڙا هجن ڇڻ،
پيار جا پاڙا هجن ڇڻ.

ننڊ اکين جي تو ڪسي، ائن -
دل مٺان ڏاڙا هجن ڇڻ.

محل جيڪر پَٽ پون ڪُل،
چوطرف گهرڙا هجن ڇڻ.

ڪو ڪنائيندو رهيو، ائن -
پوئتان سڏڙا هجن ڇڻ.

مون گهرائي سان ڏٺو آ،
ماڻهو سڀ ذرڙا هجن ڇڻ.

مان بچان هر بار ٿو، ائن،
پوئتان هٿڙا هجن چڙ.

❊

هي ڪهڙو آ خمار طاري ذهن تي،
اجنبي آ بار طاري ذهن تي.

مان وڃان پيو پاڇي پويان ڊوڙندو،
ننڊڙو ڪو آ ٻار طاري ذهن تي.

روح جي ويڄهو ڏسي ڪئن توکي، آ ـ
نفرتن جو چار طاري ذهن تي.

آخري پاڪر وڇوڙو جنميو،
وقت جو آ وار طاري ذهن تي.

فيصلو هڪڙو سندم آهي اٽل،
سڀ رکو اڄ پيار طاري ذهن تي.

❊

ٿورڙي آوارگي پرتي رکو،
ذهن جي هي گندگي پرتي رکو.

شهر پٿرن سان پيو آهي پريو،
پنهنجي ڪجھ پسند يدگي پرتي رکو.

ڪير توکي هٿ ٻڌي پرچائيندو؟
پاڻ ئي ناراضگي پرتي رکو.

مان اڇي اُن موڙ تي آهيان پڳو،
جو خدائي بندگي پرتي رکو.

هوش سالم بس هجڻ گهرجي ”پنهل!“
پيار ۾ اڄ سادگي پرتي رکو.

❊

هٿ وٺي تنهنجو چميو مون پيار مان،
لوڪ چالئہ هو ڏنو ائن خار مان!

تون کٽي سچ کي لڪائي ويہ پر،
پيار ليئا ها وڏا انڪار مان.

يادگيريون مان چڏي پنهنجي پٺيان،
هڪ ڏينهن اُڏري ويندس ٻُڌ يار! مان.

باھہ، پاٽي مان جڙي آ زندگي،
ٻيو جنم ٿيندو سندم هٻڪار مان.

ڪيترو ڪنهن لئہ رکين احساس ٿو،
مون بہ پرکيو رخ سندءِ وهنوار مان!

❊

ٿو ڪپي اللّٰہ جذبن سان،
ايندو آ ويساھ جذبن سان.

روشني جا ڳولهائو، ڪئن،
ٿي ويو اونداھ جذبن سان؟

جي ارادا اي جيڏا ٿي اٽل،
پڻ رُڪي درياھ جذبن سان.

تون سندم جذبن ۾ شامل آن،
آ تڏهن هي چاھ جذبن سان.

لفظ گونگا پيار جا، هُن کي،
مون ڪيو آگاھ جذبن سان.

❊

زندگي آهي تہ آ، اقرار سان،
مون سِکيو سڀ ڪجھہ متي! آ پيار کان.

ڪيترو بي دردي سان تاري تتي،
ڇا پڇي هاٽي ڪندس مان ڏار کان!

ڪيترائي ڏوھہ آهن تي ويا،
هر خطا تي ويندي آهي پار کان.

ڇو اسان جي هر گهڙي ڇئہ جيت تي،
ڇو رکون نفرت تا ايڏي هار کان؟

نانءُ تنهنجو ڦهلجي آهي ويو،
مون اڇي تنهنجو پڇيو هيڪار کان.

ويندي ويندي موڪلايو آ روئي،
شهر تنهنجي کان ۽ تنهنجي سار کان.

❊

بي قراري ۽ گلابي شام آ،
آهہ زاري ۽ شرابي شام آ.

دور نظرن کان نہ وڃ تون ايترو،
وقت ٿورو ۽ خوابي شام آ.

چوطرف چهرا ڏسي، دل تي چوي،
مان رهان پڙهندو، ڪتابي شام آ.

نيڻ نيڻن کي چميو، مون کي لڳو،
هي سڄي چو انقلابي شام آ.

چا ٻڌايان، جنءَ توکي هُن سان ڏٺو،
مون مٿان ڪڙڪي عذابي شام آ.

نرم نازڪ ساٿ هُن جي ۾ ”پنهل“،
مون بہ چاتو ڪا ثوابي شام آ.

❊

هي هار هي سينگار اجان چو؟
چوپاسي هبڪار اجان چو؟

جنهن اک کي ڳوڙها ارپيا تنءَ،
اُن لئہ ايڏي سار اجان چو؟

تنهنجي من ۾ گهر جوڙيو آ،
لفظي پر انڪار اجان چو؟

تنهنجو دشمن ڪو بہ نہ آهي،
هٿ ۾ پو هي خار اجان چو؟

جسم ڪنبو، سوچ وئي وکري،
دوست هٿ هٿيار اجان چو؟

ذهني پنهنجا لڳ لاڳاپا،
دل ڪان پر دل ذار اجان چو؟

شل! توڙ تي نفرت جو ”پنهل“،
الفت ۾ آزار اجان چو؟

❊

گيت جنهن پل سار جا تو سرجيان،
هڪ نئون جذبو تو روئي جنميان.

در تي ڪڙڪو رات ٿيو هو دير سان،
مون بہ کوليو در نہ هو ڪنهن خوف ڪان.

مان بہ ڇاڇان ٿو تہ ”مان مڪمل نہ هان“
پر چڱائي پيي نہ ملندي تو وٽان.

ڪير آهي، ڪيترو توسان سچو؟
ڪم تہ تون پيي وٺ سهي ڪو سمجھ ڪان!

ڪجھ تہ ٿيندو رد عمل، سوچيان پيو،
نانءَ تنهنجو چنڊ سان پيئتي ڏسان!

❊

سونهن جي واڪاڻ هرڪو ٿو ڪري،
زندگي جا ماڻ هرڪو ٿو ڪري.

ڇو جهڪائي تو اکيون آهن رکيون؟
عشق جا اهڃاڻ هرڪو ٿو ڪري.

اک ڪلڻ سان خواب ثابت ٿي سچو،
تن ۾ تازي تاڻ هرڪو ٿو ڪري.

ڇا ٿيو جي زندگي برباد ٿي؟
حادثي جي ڇاڻ هرڪو ٿو ڪري.

هر سچي، سادي جي ڪُک ۾ ڇو ”پنهل“
ظلم جا هي ٻاڻ هرڪو ٿو ڪري.

❊

واءُ ڪوسي ڪنهن نہ واريو هو،
سونهن تنهنجي مون کي ماريو هو.

توکي ڏسندي ائن لڳو، اسان جڻ،
کي صديون گڏجي گذاريو هو.

ٻاڻ کي پئي اوپرو مون ڇاتو،
اُت اڇي جيوت بيماريو هو.

منهنجي روئڻ جو سبب نہ هو پيو،
ڏاڍو توکي رات ساريو هو.

مان وچي بس موت کي پڳو هس،
تو اميدن سان اجاريو هو.

کو ويو مايوس ٿي سچ کان،
ڪنهن اچي سپنن کي تاريو هو.

❊

ڪيئن ٿيندا سي تہ پورا، تو پڇاڻان،
اندر جا اڌما اڌورا، تو پڇاڻان.

باغ ۾ ڪوئل بہ ڳايو، پار بہ ڪيڏيا،
ڪل نظارا پر ويچارا، تو پڇاڻان.

زندگي! توکان پري چاهيان وڃڻ ٿو،
ڪوڙ مون کي بيا بہ چارا، تو پڇاڻان.

ڪجھ اوهان احساس دل ۾ پيو سمايو،
ڪٽ ڪتن منظر ٿا سارا، تو پڇاڻان.

چو نہ مون کان بند سگهيا ٿي، مان نہ ڇاڻان،
يادگيرين جا هي جارا، تو پڇاڻان.

اُپ سندي مون اُرھ تي ننڊ پيي ڪئي آ،
خيال پو پيي چو اجارا، تو پڇاڻان.

هي سمو ئي آخري آهي سمو چڻ،
لڙڪ اک ۾ بي سهارا، تو پڇاڻان.

❊

مجبوري نہ هجي ها،
تہ دوري نہ هجي ها!

هوءَ هجي ها تہ اِچا،
اڻ پوري نہ هجي ها.

خوش تون هجين تہ منهنجي،
دل ڳوري نہ هجي ها.

مان مُرڪي بہ پوان، پر
جيءَ جهوري نہ هجي ها.

مات ٿي ماري، تنهنجي
ڳالھ ٽوري نہ هجي ها.

تون سنگدل نہ ٿين ها!
دل اوري نہ هجي ها.

زندگي ڪيئن امر ٿي ها؟
سچ، سوري نہ هجي ها!

پڇتاءُ "پنهل" دل ۾،
جند گهوري نہ هجي ها.

❊

ڳالھ اهڙي ويندي ويندي هُن چئي،
ننڊ نيڻن مان اڏامي آ وئي.

مان پلا ماضي وساري ڪئن ويهان؟
ياد ناهي راھ جي ڪائي رئي!

جاڳ ڪان وڌ، ننڊ ٿي، چاڪاڻ جو،
هوءَ مون سان خواب ۾ گڏ گڏ هئي.

هي سمو دوري ۾ پل گذري وڃي،
هٿ هٿن ۾ هُن سمي هوندا ٻئي.

تو وڃي ساڳيا وسايا بهار چو؟
اوسيئڙا مون کي گهٽيرا ڏئي!

ڪيرُ توکي ياد آيو آ "پنهل"
ڪلندي ڪلندي اک تنهنجي روئي پئي.

❊

ڪڏهن من موهن، ڪڏهن آ هڙاپا،
زندگي ڪي پنهنجا ڪجهہ ماڻ ماپا.

ڪير هو جنهن ڪنڌ تي هٿ رکيو هو،
ڏينهن جو پيو مان ڏکي ويس سراپا!

ٻار راضي ٿي ويو آ رنگن سان،
مختلف هيس توڙي ڪپڙن ۾ ڪاپا.

چو نہ آئين، رات تون، ڇا سبب هو؟
ڪوڙ توڏِي موڪليا ها نياپا.

ڪيترائي مون سمائي ڇڏيا هن،
هڪ غزل ۾ زندگيءَ جا جياپا.

❊

خواب اهڙا روز ٿو آئون لهان،
آسمان تي مان اڪيلو پيو اڏان!

راهہ مان ڪو گم ويو آ تي مگر،
روهہ مان ٿو پيو اچي واڪو اجان.

ڪنهن طرف ٿا پير پنهنجا هي وڃن؟
ڪو پتو ناهي پيو ٿو مان رُلان.

دل چوي ٿي، گيت دردي مان چوان،
من الائي چو آ ماندو رات ڪان؟

مون وفا جا لڙڪ تنهنجي اک ڏٺا،
شل! پرم تن جو رکي مان پي سگهان.

مان وڃان ٿو پوڻءِ مون کي تي سڏي،
مان ڏسان ٿو لڙڪ ڪنهن جا ٿو اگهان.

شاعري! مون کي ڪرڻ نند پيي تہ ڏي،
ڪيترو توسان هجان ءِ لڪان!

❊

هن زماني جون سچون رسمون ڏڪيون،
خيال سان اڄجاڻ پتين کي ٿي اڪيون.

ڇا ٿيو تاثر جي ڇهري تي نہ آ،
چاهہ پريون چاهتون دل ۾ رڪيون.

آئينو بہ ٿي ويو سنگسار اڄ،
هن جون اکيون آئيني سان جئن پڪيون.

نيڻ نيڻن سان، چپن سان چپ رهيا،
حرڪتون ڪيڏيون نہ توکان مون سِکيون.

ايترو ئي آ اندر اجرو سندءِ،
جيتريون ڳالهيون تنهنجون سچٽي تڪيون.

❊

ائن چپن جا تا ڪنارا موڪلائن،
تنگ گهڙي ۾ جئن سهارا موڪلائن.

تنهنجي ٻانهن ۾ اڇي احساس جاڳيو،
جسم کان ڪئن تا سيارا موڪلائن.

”جيڪڏهن جيوت رهي ملبو وري ڪٿ“
تيز گاڏيءَ مان اشارا موڪلائن.

تون وڃين ٿي، من ويڳاڻو ٿو ٿئي ائن،
ڏينهن ٿيندي جئن ستارا موڪلائن.

ڇا سبب آهي جو تنهنجي ئي اچڻ سان،
من منجهان ڪل غم ويچارا موڪلائن.

جيستائين پونءِ تي آباد ماڻهو،
زندگي کان ڪئن نظارا موڪلائن.

❊

ڇا پڇين ٿو حال دل جو،
آ سڄو هر سال دل جو.

تو پڇاڻان لوڪ سارو،
ڪيئن پريندو خال دل جو؟

ڪُل ستارا منهنجا سنگتي،
مان اڃان پيو ٻال دل جو.

موسمون من جون مري ويون،
پر نہ ڇانئہ تال دل جو.

سونهن تنهنجي، منهنجو ورثو،
تون سڄو آن مال دل جو.

پير جي ڪڙڪي تي ”پنهل“،
ڇو وڌي ويو چال دل جو؟

❊

اُڀ تي نيشان وسڻ جا،
ڏينهن منهنجي چمڻ جا.

اُڀ تي ايرڻ شفق جو،
ڏينهن سڄ جي مرڻ جا.

اُن سمي هُو مري ويو،
ڏينهن هيس جي وڌڻ جا!

مون ڏٺا ڪوڙ ڏک هن،
هن دنيا ۾ هجڻ جا.

بي وفا کو نہ آهن،
لڙڪ اک ۾ رهڻ جا.

زندگي کي بقا آ،
گيت چئہ تون جيئڻ جا.

چا تہ ساراهہ کيان، چپَ،
ڊائري ۾ رکڻ جا.

اوجهري کان پري پير،
سوجهري ڏي سُرڻ جا.

دل جو ديرو اُتي آ،
دڳ تنهنجا جي اچڻ جا.

”مان“ صرف تنهنجي آهيان“
لفظ تنهنجا چمڻ جا.

چا جو پڇتاءُ ”پنهل“؟
ويل پل نہ ورڻ جا!

❊

رات سان آ دوستي،
کين گهرجي روشني!

ايترو آهيان اداس،
شام جئن کا سرمئي.

مان اکيلو سوچ سان،
بي وقوف دنيا لڳي.

اک نہ جنهن ۾ کا پڳي،
سا بہ کهڙي دل لڳي!

سوجهرو يا اوجهرو؟
چا پيلا آ زندگي!؟

هڪ نظر ۾ ڪا نظر،
چو يلا پنهنجي لڳي.

مان سندس ڪو گهوٽ چڙهي،
هوءَ تي ايڏو لڄي.

مان نہ چاڻان ڪير هو؟
خواب ۾ ڪو اجنبي.

در اکين جا جئن کُليا،
۽ اُڏي چپ جي چُمي.

ڪوڙ حيرت مون ڏٺي،
آرسي در آرسي.

هلُ تہ پنهل ننڊ لهون،
آ، رُسي ڪان ڪلهہ وئي.

❊

اک کُپي، پٽر تي ڪيڪارجي وئي.
سونهن ويجهو اچي سهڪارجي وئي.

زندگيءَ جو متو، تون گڏ هجين بس،
بي سموري اِچا آ ڀهارجي وئي.

پل، گهڙي ۽ پهر صديون لڳن چڙهي،
اُف! حياتي آهي تہ هارجي وئي.

سانت ڪي تو ڏني ترجيح چا ٿيو؟
پرت پنهنجي مگر اظهارجي وئي.

لوڪ جي ننڊ ڦٽي ۽ تبصرا ٿيا،
هيءَ چوري رات جو سينگارجي وئي!

❊

فيصلا ڪُل رات تي ويا تنهنجي آڏو،
سڀ نظارا مات تي ويا تنهنجي آڏو.

مون ڪٽي ناراضگي توسان رکي هئي،
لفظ ليڪن سانت تي ويا تنهنجي آڏو.

ڏسي نيڻ ڪنهن تي بند رکيا سڀ ڪجهه پيءِ،
هر طرف فڪرات تي ويا تنهنجي آڏو.

دل گهريو هر اور توسان اوريان پر،
هي گندا حالات تي ويا تنهنجي آڏو.

ڪوت ڏيجي ۽ پيو موهين کي پوڇيان،
ڪل عيان جذبات تي ويا تنهنجي آڏو.

❊

بهار اُجڙي ويا اکين جي چاهه جا،
بند ڪيا تو جڏهن در ويساهه جا.

شل! خطا سمجهي ڪري هوءَ درگذر،
پيش دستاويز ڪيا هن ڏاهه جا.

اجنبي ۽ اوپرو رَويو پَسي،
حال هيٺا تي ويا ويساهه جا.

مون صبر سان دوستي ڪئي چُپ رهيس،
لفظ توڙي تنهنجا پاسيا ٻاهه جا.

اوچتو دل جا اجهامي ويا ڏيئا!
۽ بچيا رستا وڃي اونداهه جا.

❊

رنگ جوڀن جا زنده آهن اجان،
ڪئن ڇڏي تن کي مري آئون وڃان!؟

تون ڪٽي جادوگري ڇڏ لفظ جي،
مان اياڻو ڪو نه ٿو سمجهي سگهان.

ڳالھ تنهنجي ڪي سڪي! ڏھ ڪوٽ هن،
ڏس پيلا پو ڪيئن ٿو ساھ مان مڃان!؟

قافلا لتجي اميدن جا وڃا،
خوبصورت خواب هاٽي ڪئن ڏسان؟

ڪو سهارو ڪو نه مون کي ڪنهن ڏنو،
هٿ ڏئي منهن تي تڏهن مان ٿو روئان.

❊

اوچتو تون دل منجهان نڪري وَئين،
تون هئين ڪافور ڇڻ اُڏري وَئين!

ڪين ڪو احساس جاڳيو پيار جو،
تون جو توڙي پر منجهان گذري وئين.

هاڻ مون کي آچ نہ گل موھ مان،
تون گهٽو اڳ ئي مون کان وسري وئين.

باھ مان ۾ برف آهين تون مٽي!
هٿ ۾ ايندي ايئن تون پگهري وَئين.

آ جواني اوج تي تنهنجي ”پنهل“
جئن سرءُ آيو تہ تون نڪري وئين.

❊

ايترو اُڀرو نہ ٿي تون پيار ۾،
مارجي ويندين ڪڏهن انڪار ۾.

تون سراپا سونهن جو هين مجسمو،
شل! وسين پئي، من جي پاتار ۾.

روشنيون ۾ رنگ روحن جا لُٽي،
تون بہ نہ رھہ گل سندي هٻڪار ۾.

الفتن جي موت، نفرت ۾ نہ ڏي،
گهٽ نہ ايڏو ٿيءُ تون وھنوار ۾.

چو نہ حاصل پيار تنهجو مون ڪيو،
اڪ چُلي پئي آ انهيءَ ويچار ۾.

هُن اڪيون احساس جون پوريون وجي،
مان مگر جاڳيس پنهنجي اقرار ۾.

✻

رات ۾ ڏينهن جي ياري،
پيار ساري تي آ پاري.

هٿ وٺين مان وَهي تي ويو،
موھہ تنهنجو بہ چڻ واري!

سپ اميدون بڻيون اوندھہ،
دل وجي ٿي منهنجي هاري.

هر ڏسا عڪس آ عشق جو،
ڏکُ لڳو ڪجھہ آ ڪاپاري.

ڪيترو چاهہ توسان آ،
تون رکي دل تي ڏسُ آري!

ڪول احساس جو ڪو درُ،
نہ ستم رڪ رڳو جاري.

❊

ڪيتري ٿئي، پڇيئي موڙي لوڪ جان،
دل لڳي تنهنجي بہ ڪوڙي لوڪ جان!

مان اياڻو، ڪئن اشارا ڏس پڇان؟
هر ادا تنهنجي آ ڳوڙهي لوڪ جان!

تون سهائي، مورُ حاصل ڪين ٿئين،
پئي پيچي قسمت جي چوڙي لوڪ جان!

تو بہ پانيو، موهہ منهنجو وحشتون،
ڪئن چوان، هِين مَتِ جي موڙهي لوڪ جان!

مس حياتي گهر خوشين جو آ بٺي،
ڏسُ! نہ ڪسجان رنگ تون ڙي لوڪ جان!

❊

خواب تصور ڪي ڏئي چُميون رنا،
حوصلا جو پاڻ ۾ مرڪي مليا.

ڏينهن اکيون بند ڪري ڏاڍو رُنو،
رات جا جئن جيئن پرَ آهن کُليا.

موت جو ڊپ من ۾ پيهي ويو جڏهن،
پير پنهنجا تڏهن مسجد ڏي وڌيا!

”ڏي نہ واڌايون نئين هن سال جون،“
حرڪتي ڪي نيڻ چئي اٽڪڻ لڳا.

زندگي سي لفظ ماٽي ويا - تنهنجي،
جي بہ چپڙن جي ڪنارن تي رسيا.

ڇو متعارف ٿو ڪرائين ڏک نوان؟
هت اجان ڪونهن پراڻا گهاءَ پريا!

*

سچ جا ڏيئا اجهامي ٿا وڃن،
رنگ روحن جا اڏامي ٿا وڃن.

شوخ نظرن سا ڏسو ٿا جنهن سمي،
بلب من جا ڇڙ وسامي ٿا وڃن.

”سونهن ۾ سنڌ لئہ وقف هي جانِ آ“
ڪيئن نہ چوندڙ پو وڪامي ٿا وڃن.

نيت ڦتڪي لڙڪ ڌرتيءَ تي ڪريا،
بي سهارا اڄ بہ ڪامي ٿا وڃن.

حسرتون من ۾ پيون گُهٽجن ”پنهل“
نااهل جو هت اگهامي ٿا وڃن!

*

دل ۾ اڄ ٽڙندڙ گلابن کي ڇپياتي،
وئي هلي ڪائي خوابن کي ڇپياتي.

هر پهر مرڪون چپن تي ناچ ڪن ٿيون،
ڪو اڇي ۾ وڃي عذابن کي ڇپياتي.

پل صراط شرم جي اورانگهي مون بہ آ،
اڄ هلي تون پي حجابن کي ڇپياتي.

هيءُ کهڙو انسان ڇئبو جو پيو ٿو،
وحشتن ۾ اڇي شبابن کي ڇپياتي.

ناز پنهنجن ئي سوالن تي ڪيائين.
وئي رڳو منهنجن جوابن کي ڇپياتي.

❊

تن کي ڇڏي جا تائي اهڙي تپش ڪٿي آ؟
اڳ جان سنڌءِ حُسن ۾ ساڳي ڪشش ڪٿي آ!؟

ساري دنيا جون خوشيون موجود هن وٽس، پر،
ايڏين خوشين جي هوندي ڏنوان خوش ڪٿي آ!؟

ڳالهيون گهٽيون ڪريون پيا منزل رسڻ جون ليڪن،
جذبن ۾ پنهنجي سائين! ايڏي جنبش ڪٿي آ!؟

ڪوڙائيون ڪري خود تون خوار ٿي ويو آن،
تو جئن ڪنهن جي توسان انڌي روش ڪٿي آ!؟

سورن سنڌيون سموريون تلخيون رچيان سٽن ۾،
پنهنجي جگر ۾ ليڪن اهڙي جنبش ڪٿي آ!؟

❊

چار گهڙيون گڏ هليا وچڙي ويا،
اجنبي ها ڪي، مليا وچڙي ويا.

سار سالم آ وڃي باقي رهي،
عڪس خوابن جا ڊهيا وچڙي ويا.

هو گهٽا ئي ها پڪا جو نہ رُڪيا،
مون تہ دامن پيي جهليا وچڙي ويا.

ڪوڙ دوست، ڪوڙ دشمن ها مليا،
جاڳ تي، سپنا لڇيا وڇڙي ويا.

مون ڪي سا ئي رات گهرجي تي "پنهل"
گيت جنهن ۾ ها ڇيا وڇڙي ويا.

❊

جنهن پهر هوءَ دولتن جي ور چڙهي،
وئي محبت نفرتن جي ور چڙهي.

دشمنن هٿيار پنهنجا ڪيا ڦٽا،
دل وئي پر دوستن جي ور چڙهي.

راھ ۾ سا ئي رُلي آ ازل کان،
جا ٻه آهي حسرتن جي ور چڙهي.

ڪيترا ساراھ جا ڏُک کو پري،
سونهن تنهنجي حيرتن جي ور چڙهي.

بي گناهيءَ جي سزا پوڳي "پنهل"
ڇوڪري وئي غيرتن جي ور چڙهي.

❊

ڪئن خدا ڏي ڌيان کو ڌرجي پرين!
سونهن مان ئي دل نٿي پرجي پرين!

شهر ساري ۾ رهن رابيل پيا،
ڏسِ ته ڪنهن ڪنهن تي پلا مرجي پرين!

چو هيئون بي چين تو ايڏو رهي؟
اک اگر ڪنهن ساڻ تي اڙجي پرين!

راهه پنهنجي پاڻ چوندي آ تہ پوءِ،
هاڻ ڏولاون کان چو ڏرجي پرين!

هل تہ موهين تي هلي ويچارجي،
سنڌ جي پيي سار ڪا لهجي پرين!

❊

ساري جڳ کان ڪَتجي ويو هين،
ڏاڍو اڳ کان مَتجي ويو هين.

ٻئي جي ڏک تي ڏُکڻَ بدران،
ڪلندي ڪلندي ٻُتجي ويو هين.

خبر نہ ڪهڙو سحر اٿيئي،
دل تي لالڻ لکجي ويو هين.

لڙڪن کان ڪر دامن پالهو،
سورن ۾ چو سَتجي ويو هين؟

خود ثنائي تو منجهہ آئي،
تڏهن پاڙون پٽجي ويو هين.

موت کان چرڪي چرڪي قد ۾
بت ۾ ڪيڏو متجي ويو هين.

پريت پراٽي پئي تي سارئي،
"پنهل" تون ڪٽ رهجي ويو هين.

❊

لوڪ ساري ۾ ثنا ڏيندو ويو،
جو فنائن ۾ بقا ڏيندو ويو.

ڪيئن نہ ماٺي ها پلا ڪو ماڳ سو،
جو سراپا واسنا ڏيندو ويو.

دور توکان رهڻ جو تصور ڪري،
حال هيڏو هي صفا ڏيندو ويو.

ڳالھ سمجھائي سگھي ها ڪيئن جو،
هوش کي اُڪري انا ڏيندو ويو.

ڏوھ منهنجو ڪو ڏسڻ ڪان ئي سوا،
ريءَ ڪارڻ هُو خفا ڏيندو ويو.

❊

اندر جا احساس اندر ۾ ڦٽڪي پيا،
ماڻهن جا جذبات شهر ۾ ڦٽڪي پيا.

توسان نيڻ ملايا مرڪي جن گوري!
پاڳل بڻجي پل پهر ۾ ڦٽڪي پيا.

تنهنجون پوتر ڳالهيون لکڻ وينس جو،
منظر سارا هڪ نظر ۾ ڦٽڪي پيا.

گل رابيل جا تنهنجي هٿ پسي پَدما!
ڪيڏا ماڻهو تنهنجي تر ۾ ڦٽڪي پيا.

تو جو ڏنو جنهن سمئہ ۾ نفرت مان،
اڌما سارا نينهن نگر ۾ ڦٽڪي پيا.

❊

لفظن ۾ نہ منجهايو مون کي،
سھٽيءَ پر سمجهايو مون کي.

مستقبل جان چاهيو مون کي،
ماضيءَ جان نہ وچايو مون کي.

نئون ڪوئي الزام ڏئي،
سزا ڪين سُٽايو مون کي.

رڳو ڳٽائي خاميون منهنجون،
سهمن سان نہ ستايو مون کي.

دوريون ساريون دور ڏڪاري،
ساهن منجھہ سمايو مون کي.

❊

زخم پنهنجي انتها تي جو رسيا،
مون ڏنو پنهنجن جي هٿ پٿر هيا.

ساريون سرهائيون ڪٽي وئين ساڻ تون،
منهنجي دامن ۾ فقط غم ئي رهيا.

ذهن تنهنجي تي جڏهن سازش ستي،
گيت سندرِ مون پئي تنهن پل رچيا!

ڏوهہ پنهنجا تو قبوليان مان مگر،
مج تہ تو پيي ڪي ستم آهن ڪيا.

هُن تہ هڪڙو در ڪيو بند هو ”پنهل“
هي ڪيئي در ڪيئن مٿم آهن کُليا!؟

❊

پاڻ کي پاڻ مون وڃايو آ،
ڏوهه آيو توتي اجايو آ!

ساهه جان توکي جيڪو چاهي ٿو،
زخم تنهن کي ئي تو رسايو آ؟

لوڪ کي تو ڪري وٺان پنهنجو،
چا نه مون تو منجهان پرايو آ!

تو نه هينئڙي ۾ تو رهين هر پل،
مون نه توکي ڪڏهن ڀلايو آ.

آ نه نفرت مون کي زماني کان،
پو به مون لئه غلط چورايو آ؟

❊

هي تحت السّرا ۾ جي تاڙيون وڄن ٿيون،
انڌيرن کي ٻڌجي اماڙيون لڳن ٿيون.

ڪوئي سچ ڪنهن کي جي سامنهن چوي ٿو،
ته ڪيئي ڪروڌي ڪماڙيون ڪڄن ٿيون.

شرم کي به تنهن پل شرم تو اچي، جي،
ڪيون ڪنهنجون نياڻيون اگهاڙيون وڃن ٿيون.

ڏسي ڏاڍ ڏهڪاءُ وحشتون هي،
ڏکي ڏيهه سنڌيون نماڻيون وڃن ٿيون.

ڦُٽن ٿيون اميدن جون مکڙيون جي من ۾،
ته اربي خزائون اُجاڙيون وڃن ٿيون.

”پنهل“ سي تہ راهن ۾ رلنديون اوس ئي،
جي آغاز کان اڳ پڇاڙيون پڇن ٿيون!

❊

جيوت جڏهين گذري ويندي،
هر هڪ اِڇا اُڏري ويندي.

پل اڌ پل جي مرڪي ملندين،
سوچيل ڳالهہ بہ وسري ويندي.

مُک تان ماسڪ لاهي ملندين،
ڌرتي پيران نڪري ويندي.

سات ڇڏي جي ويندينءَ تون،
زيست سموري وکري ويندي.

”پنهل“ پيار جون پيڙائون،
منهنجي ڪوتا اڪري ويندي.

❊

هوءَ جو مرڪي پئي مڌ رات ۾،
زندگي جرڪي پئي مڌ رات ۾.

پيار کان روڪيم گهٽو ئي پاڻ کي،
توسان اک اٽڪي پئي مڌ رات ۾.

ڪنڌ تي هٿ ڌرڻ سان موڳي صفا،
ڪيئن نہ هئي چرڪي پئي مڌ رات ۾.

ڪو سهارو ڪين آ ڪهڙو جيئان؟
آس آ ڏرڪي پئي مڌ رات ۾.

ناھ ساٿي ڪوئي سورن ۾ ”پنهل“،
هر ڏسا ڏُسڪي پئي مڌ رات ۾.

❊

مون ڪي تنھنجو پيار نہ گهرجي،
اُلڪن جو انبار نہ گهرجي!

جيڪو گهاءَ گهٽيرا بخشي،
اهڙو ڪو ويچار نہ گهرجي.

آنءُ سجاڳي چاهيان، مونکي،
اکڙين منجهہ خمار نہ گهرجي.

جيسين آهي، سورن ۾ سنڌ،
تيسين ڪو بهار نہ گهرجي.

جيجل ساڻ ڪري غداري،
پاڙيو سو پوتار نہ گهرجي.

چانڊوڪين سان چاھ رکون ٿا،
اونداهو پولار نہ گهرجي.

❊

منھنجو وحشتن ۾ سهارو نہ ٿيندين،
ٻُڏان تو پيو مان ڪنارو نہ ٿيندين!؟

نوان نسل تولئہ سوين گيت سرجيا،
پڙهي ڏس ڪٿي پيي لڇارو نہ ٿيندين!

متيءَ لئہ مري ڏس، متي توکي ڏيندي،
لکين ماڻ ـ ڳوڙها، اُجارو نہ ٿيندين!

ڪيئڻ ائن حياتي انڌيرن حوالي،
وري چڻ ڪڏهن پيو ستارو نہ ٿيندين!؟

لُٽي چين ڏرتيءَ جو چالئہ ڪُڏين ٿو،
ڏيان گار توکي، ڏکارو نہ ٿيندين!؟

❊

پنهنجي ورثي ۾ رولا پنهل!
ڌرتتي، رُڄ ۽ جهولا پنهل!

ڪيترو تنهنجي پويان خدا!؟
ڪيترو تنهنجي ڳولا پنهل!

مان بہ چڙواڳ ٿيندو رهيس،
ساٿ ڪنهن جو هورو لا پنهل!

ڪنهن نہ انسان تي گهاريو!
ماڻهو چاڪاڻ پولا پنهل!

مرڪ آٽي چپن تي، آيا،
ماڳ پنهنجي تي ڍولا پنهل!

ڪيئن چاٽي ٻجهي ارپيان؟
عشق ـ الڪا ۽ اولا پنهل!

❊

هر قدم تي پيار منهنجو آ وجود،
هي سچو سنسار منهنجو آ وجود.

ڦهلجي وئي روشني ڪمري اندر،
تنهنجون پانهون هار منهنجو آ وجود.

درد پيڙا ايترو مون ڪي مليو،
پونءِ تي چڙ بار منهنجو آ وجود.

موت مون ڪي ڪيترا ويو گس ڏئي،
مان امر، اُپڪار منهنجو آ وجود.

ڪجهه تماشو تو بڻايو زندگي!
ڪجهه خدا جو چار منهنجو آ وجود.

ڇو هوا ۾ بوءِ آ بارود جي؟
ڇو امن تي وار منهنجو آ وجود!؟

روز روئي، روز مرڪي تو لڪان،
گيت ۾ ويچار منهنجو آ وجود.

لڙڪ بي ترتيب نيڻن ۾ ”پنهل“

ڪا گهڙي ڪردار منهنجو آ وجود.

❊

نه تو چاڻان نه چالئه اڄُ وياڪل آ،
گهٽا گهنگهور توڙي وڄُ وياڪل آ.

اوهان جي جسم جي خوشبو ڪنواري آ،
منهنجي لِڱ لِڱ ۾ لڪيل ڏڄُ وياڪل آ.

ڪوڙيون رسمون، ڪڏا قانون ورثي ۾،
پَسي پرزا پيو ٿي سچ وياڪل آ.

اوهان مايوس ٿي منزل ڇڏي ”پنهل“
لَڄي تاريخ ٿي پئي، اڄُ وياڪل آ.

*

مان متيءَ جو راڳ، مون کي ڳاءِ،
جوت ڪڻ ۾ جاڳ، مون کي ڳاءِ.

ها ڪوي جي گيت ۾ آ لڪل،
قوم جو ڪُل ڀاڳ، مون کي ڳاءِ.

ڪين توکي ڪٿ لڄايو ماءُ،
ڏئي لهوءَ جو لاڳ، مون کي ڳاءِ.

تون متان سپنا اُٽين اُت ڳول،
جاڳ ۾ تي ماڳ، مون کي ڳاءِ.

سنڌ ڇڏي جيئرو رهان ڪئن "پنهل"
مان وٺي ويراڳ، مون کي ڳاءِ.

*

ايئن گذري وئي عمر، سمجهو نہ مون،
سونهن تنهنجيءَ جو سحر، سمجهو نہ مون.

مون بہ سقراط جان جام ڏوکي ڇڏيو،
تنهنجي هٿ کان مليو زهر، سمجهو نہ مون.

جيستائين تنهنجو نانءُ آجو لکان،
گيت تيسين ڪوئي امر، سمجهو نہ مون.

دور توکان وڃي، هيئن مرکي سگهان.
پاڻ کي ايترو پٿر، سمجهو نہ مون.

ڪوڙ ارمان پنهنجا اڌورا رهيا،
جاڳ کي ماڳ جو فکر، سمجهو نہ مون.

رات مون کي خواب ۾ ويو چا چئي؟
گڏ پٽائيءَ سان ثمر، سمجهو نه مون.

قوم جي جنهن ۾ اوسر هئي سا "پنهل"
ڪئن وڃائيہ سرت ثمر، سمجهو نه مون.

❊

سپ انڌيرا ڏکي، سوجهرو ٿو کيان،
رات کي مات ڏئي، جاڳ کي جنميان.

وار جيڪي ٿيا سوچ منهنجي مٿان،
سچ سڌو ٿو لڪان، ڪنهن کان چالئہ ڏڄان!

تون نہ مايوس ٿي، ڏِسُ هلي، ڪيئن مان،
علم کي راڳ جا گيت ٿو ارپيان.

وحشتن ، دهشتن سان مان اٽڪي پوان،
امن جي ڳالهہ کي اکين ۾ اوتيان.

نيٺ آزاد ٿيندي "پنهل" پونءِ پنهنجي،
جبر جي جيل مان، ڏاڍ جي ڏيل مان.

❊

توسان منهنجي سپ سچي، منهنجو نہ ٿيو،
منهنجي پاڪر ۾ اچي، منهنجو نہ ٿيو.

مون تہ ڳوڙها پيي لڪايا ٿي مگر،
ڪاچ ۾ ڪنهن ڪئي ڪچي، منهنجو نہ ٿيو.

ڪلهہ جنهن جي پاڇي کان پيي نفرت هئي،
ڪئن رڱن ۾ پيو رچي، منهنجو نہ ٿيو.

ڪا گهڙي آسيس ڏي، سهڪار ڪر،
زندگي چاهي بچي، منهنجو نہ ٿيو.

ذات جا ڏيئا اُجهامي ويا ”پنهل“
ست اڌوري پئي نچي، منهنجو نہ ٿيو.

❊

رات پر جسم جو حوالو هيو،
سانوري! تنهنجو ٻَڪُ نرالو هيو.

هُن جون ٻانهون رقيب جي هٿ ۾،
منهنجي هٿ ۾ تڏهن پيالو هيو.

ڳهاءَ ڪيڏا بہ ها مليا مون کي،
هڪ چُمي بس سندن ازالو هيو.

ويس توکي اڇو هيو پاتل،
يا وري اُڀ مٿي جهڙالو هيو.

تنهنجي اکين جا خط پڙهي ”پنهل“
جوش مان ڳاتو ڪنهن جمالو هيو.

❊

خالي خالي آڪاش ۾ آهيان،
مان ڳِپي جي تلاش ۾ آهيان!

مون کي ڳولهي لهڻ ڪٿي ڏکيو،
آس ۾ مان نراش ۾ آهيان!

مون کي ماري، مري ويو آهين،
مان شهيدن جي لاش ۾ آهيان!

ڪير منهنجو وجود ناس ڪندو؟
مان خدا جي تراش ۾ آهيان!

نانءُ منهنجو بہ سورمن ۾ لکُ،
ظلم جي سَر وناش ۾ آهيان!

❊

چوطرف سانوڻي پاڪُرين تي نچي،
هر ڪلي کي ڪپي، پيار ۾ ڪجھ پَچي.

تنهنجي وارن ۾ ٻانهن جو رهي چانورو،
ڌرتتي ڪا متان اُڀري تي اچي!

ڪوڙ کي ڪوڙ اوندھ کي اوندھ چئي،
سِرُ اڏي تي ڪُڏندي رکيو هو سچي.

جو ٿو انسان کان الڳ نظريو رکي،
سو تباهي پسي ۽ پوي ڪنهن ڏچي.

مان نہ ڪي سونُ، چاندي گهران ٿو "پنهل"
هڪ متيءَ جو نهيل آهہ گهر ، سو بچي.

❊

چالئہ عجيب مولا!؟
منهنجو نصيب مولا!

سڀ جي نگاهہ ۾ تون،
ڪنهن کي قريب مولا!؟

اڪ سامراج هُن جي،
دل آ غريب مولا!

ٿي چار پل مليو آ،
جوڀن فريب مولا!

ڏسُ　ڪوڙ　پيو　ڪُڏي　۽
سچ　لئہ　صليب　مولا!

ڪنهن　لوپ　۾　نہ　ايندو،
ارڏو　اديب　مولا!

تاريخ　تا　لڇائن،
راڙي　رقيب　مولا!

❊

مسجد،　مئڪدو،　جيون　ساٿي،
مون　ڳولهي　لڌو،　جيون　ساٿي.

مون　کي　پيئڻ　کان　روڪي　موت　کي،
پيل　ڏئي　ڇڏ　مدو،　جيون　ساٿي.

منهنجي　جسم　مان　تاندا　وسيا،
ايترو　ئي　ٿڌو،　جيون　ساٿي!

ڏک　سان　ڪيترو　هوندين　چريا!
سُک　ڏي　ڪجھ　وڌو،　جيون　ساٿي.

موت　کان　زندگي　ڪسجي　”پنهل“
جي　اوهان　دل　پڌو،　جيون　ساٿي!

❊

توسان　هيج　هليا　ڇڻ　ورٿي　۾،
منهنجا　نيڻ　ڇُليا　ڇڻ　ورٿي　۾.

تون　سک　جي　اکين　۾　رابيل　جهڙو،
مون　رستا　ٿي　رُليا　ڇڻ　ورٿي　۾.

تو جو پيير ڏريا، منزل منزل،
رڻ ۾ قول ڪِليا چڙ ورٿي ۾.

ڪنڌ ڪنڌ ڪي سجاڳي اريي ويا جئن،
منهنجا گيت گهليا چڙ ورٿي ۾.

ائن مسجد، مندر مون ڪان دور پڳا،
مئڪش ڪوڙ مليا چڙ ورٿي ۾.

❊

چاندني جا رنگ، تنهنجي انگ ۾،
سوچ جهڙا سنگ، تنهنجي انگ ۾.

تون ڪڏهن رڻ ڪڇُ، ڪڏهن آن آبشار،
ڪوڙ آهن ڏِنگ، تنهنجي انگ ۾.

چيت وانگي رات ير هُرندو رهيو،
جسم ڪيڏا ڏنگ، تنهنجي انگ ۾.

تا رهن ڪجهه خواب الڪن ۾ مٽي!
وار تنهنجا ونگ، تنهنجي انگ ۾.

هڪ نديءَ جا معجزا، جو ڏوپجن،
ذهن جا سپ زنگ، تنهنجي انگ ۾.

نيڻ پئجي هوڪرن ۾ ويا ”پنهل“
ڪئن چُرن تا چنگ، تنهنجي انگ ۾.

❊

اجان آهه مومل مياري، اجان نہ وچ،
ڪا صحرا ۾ هرٽي اجاري، اجان نہ وچ.

نہ مورن ٺھوڪا نہ تترن ۾ ڪا مستي،
ڏکي هيل آئي ڏياري، اجان نہ وڄ.

اجان تر ۾ واري، اجان ڪيت روئن پيا،
اجان کو نہ ٿي آبياري، اجان نہ وڄ!

اجان قاتلن کي ڏٽي ڪونجي پيو،
اجان سچ مٿان آهہ آري، اجان نہ وڄ.

اجان زخم ذلتون اسان جي نصيبن ۾،
اجان رات ڪاري آ ڪاري، اجان نہ وڄ.

تو جو سانوري موڪليو چپن کان جئن،
مون روئي چيو هو "پِياري! اجان نہ وڄ."

اجان ڪيترا قيد پڃري ۾ هنج آهن،
اجان ڪنهن نہ دل آهہ هاري، اجان نہ وڄ.

اجان سوچ کي لوچ گهرجي پئي "پنهل"
اسان چو وتي ننڊ اذاري، اجان نہ وڄ.

تو ڪڏهن ويهي ڳٽيا ڳل،
ڪيترا اُپي تان چٽيا ڳل!

ٿي اکين جي آزمائش،
ڳوڙهو ڳوڙهو ٻٽيا ڳل.

تون اُجاڙي کو نہ سگهندين،
پونءِ ايترا چٽيا ڳل.

مون کي انسانيت ڪپي ٿي،
توکي فطرت جا وٽيا ڳل.

سڀ تتي اڄ پٽ پيا هن،
ڪيترا سپنا اُٽيا گل!؟

❊

هر قدم تي مليا بي شناس ماڻهو،
ءِ ڳجهن جيان پٽيائون ماس ماڻهو!

مون ڪان سچ پڇو جي دوستو! ٻڌايان،
دوستي ڪُتي جو چڪُ ـــ لباس ماڻهو!

نفرتن جي پاسي وک وجهي رهيا هن،
محبتن ڪان هوندا جي نراس ماڻهو.

وحشتن جي پيٽ ڊاهي، نئين نظام ڪي،
ڏيان سان ڪجان هاڻي ته راس ماڻهو!

جو لتاڙ جذبن جي ڪندو رهي ٿو،
پل ٿئي سو "پنهل" ستيہ ناس ماڻهو.

❊

باهہ پڙڪي تي جا سيني منجهہ سا مونکي ڪيڻ ڏي،
چين منهنجن تي نہ هٿ رک، جو چوان مون کي چوڻ ڏي.

مون بنا ڪنهن غرض جي توکي چيو آهي منتي اڄ،
سڀ خوشيون تون ساڻ کر غم ئي رڳو مون وٽ رهڻ ڏي.

هر گهڙي مون کي ڪلائڻ ٿو گهرين چاڪاڻ سائين!
بي قرار آ من منهنجو اڄ تہ ڪجهہ مون کي روئڻ ڏي.

وقت ڪان اڳ چو اجهامي تون وئين توکان نہ پڇندس،
بس اهائي التجا آ ڳل مون کي پنهنجا اگهڻ ڏي.

رات کي جئن مان چڏيان ڏئي مات "پنهل"
قلم تون مون کان نہ کسِ، اڄ رات مونکي سچ لکڻ ڏي.

❋

ڪيئن ويھي تَڪُ پيچان؟
ڏور منزل آ اڃان!

هي زمانو — ٺوڪرون،
ڪنهن سان ڪٽ ٿو مان پُڄان؟

ڪلفتون دل مان ڪڍي،
الفتن سان ٿو ملان.

ساٿ منھنجو ڏي سڄڻ!
مان بہ اڳتي جئن اچان.

سچ تنھنجي من ۾ تہ چا!
دل ۾ چنڊ مان پيي رکان.

سونهن هر پاسي وسي،
خواب اهڙا پيو پسان.

آچ مون ڪي نہ جنت،
سنڌ ۾ مان ٿو وسان.

سچ ڪان مُک نہ موڙيو،
هٿ اوهان ڪي ٿو ٻڌان.

دل ۾ پنءِ رهندي "پنهل"
مان پلي اُپ تي هجان.

شاعري جي چاھ ۾ گم تي وئي،
راھ مون ڪان راھ ۾ گم تي وئي.

ڪين آئي تو ۾ ڪا خامي نظر،
دل هئي ويساھ ۾ گم تي وئي.

هر سفر آسان جيون جو لڳو،
سوچ جو اتساھ ۾ گم تي وئي.

اڄ وري تاريخ اُٿلي آ پئي،
سهٽي ڪا درياهه ۾ گم ٿي وئي.

ڪنهن نه روڪيو ڪنهن نه ٽوڪيو هو ”پنهل“
اڪ ٽڏهن اونداهه ۾ گم ٿي وئي.

❊

تنهنجي اک ۾ نمي، مون نہ سمجهي سگهي،
ڪا تہ هوندي ڪمي، مون نہ سمجهي سگهي.

سوچ مون کي ڪيو قيد بت خاني ۾
هر طرف هئي غمي، مون نہ سمجهي سگهي.

محل يادن جو نيڻن ۾ جُهڙندو رهيو،
جهوپڙي پئي جهمي، مون نہ سمجهي سگهي.

جسم ڪنهن جو تپائي لڳن کي ويو،
سونهن هئي شبنمي، مون نہ سمجهي سگهي.

ڪنهن مئي جي نشي ۾ چپن تان ”پنهل“
ڪئن اڏاري چمي، مون نہ سمجهي سگهي.

❊

شاهه منهنجي جند، سنڌ هستي هجي،
ذات منهنجي ڏانوَ کي مستي هجي.

نانءُ تنهنجو پيو ستارن تي لکان،
ايتري شهرت اگر سستي هجي.

کو نہ مارينديڻ وري انسان کي،
توکي پنهنجي جيڪڏهن ذرتي هجي.

ڪئين ڪويءَ کي تنبُ ايندي جيڪڏهن،
قوم جي پويان لڳي پستي هجي!

ڪلهه رُسي وئي ائين اتي وئي جا "پنهل"
ياڪرين سا اڄ اچي پرتي هجي.

❊

# پورو ٿيو

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
وڏيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com